# سوامي رامانند صاحب

جن جا

# املوڪ وچن

ڀاڱو چوويهون

شري ستگور ديوايہ نمھہ

# شري ستگر وَچن

پورڻ مڪار بند مان فرمايل

ڀاڱو چوويھون

شري ورسي اُتسو

سال چوويھون

ڪاپيون ٧٥٠ ] آڪٽوبر ١٩٧٦ [ ٻهرون ڇاپو

قيمت:- پريم ۽ شرڌا سان

گهٽ ۾ گهٽ ٥ دفع ڌيرج سان پڙهڻ ۽ عمل ڪرڻ

پستڪ ملڻ جو هنڌ:-

شري شيام سندر ياڻي ٻيجارام صاحب

شري رام ميڊيڪل اسٽور - رڪاب گنج

فيض آباد (يو. پي)



ٻرهم گياني ١١٠٨ سوامي رامانند صاحب
( لقمان خيرپور ميرس وارا )

# 卐 سمرپڻ 卐

انيڪ سڪ، ستڪار ۽ شرڌا سان
ارپڻ ڪريون ٿا پوڄنيه ستگرو ديو
ڀڳوان جي پوتر ڪمل چرڻن ۾.
شيام سندر، گنگا ڌر، دامودر، مرليڌر
پوڄ ڀائي بيجا رام، ڊاڪٽر نندرام،
هريرام ڪلناڻي، ڊاڪٽر مسز ديوڪي
واڌواڻي. سندس ڀائر ڀينر ۽ ڀاڄايون
۽ ماتا سرسوتي واڌواڻي ۽ رام ميڊيڪل
طرفان گنگا ڌر ولد سيٺ ڪيمَلداس،
شري ايسرداس ڀاوڻگرووارو، سنت
ديارام، سنت سندرام ۽ ستگرن جا
پريمي شيوڪ.

Printed by Shri R. D. Belani at Praabu Printing Press, Nawab ka Bera, Ajmer & Published by shri Shyam Sunder Bhai Bijaram Sahib, Faizabad (U. P.)

شري ستگور ديوايہ نمھ

# نــويــدن

پرم پوڄنيہ ستگورو ديال سوامي رامانند صاحب جن جي چوويھين ورسي صاحب جي مھا يگيہ اُتسوَ ۾ ھي امرت وچنن جو چوويھون ڀاڱو ڇپجي ظاھر ٿيڻ تي ڪافي خوشي ٿئي ٿي ته کھڙو نه اٿاھ امرت وچنن ۾ ڀلنيو اٿائون. ھيءَ واٽ ستگورن جي مڪاربند مان فرمايل آھي. ان ۾ ڪنھن به ڦير ڦار نه ڪئي آھي ۽ نه ڪو ڪري سگھندو. ستگورن جي

# پرارٿنا

هيءَ پرارٿنا جيڪو بہ آدمي صبوح شام پنهنجي گهر ۾ پڙهندو، تنهن کي ڪو بہ ڏک آپدا وٽجهو ئي نہ ايندو.

١. سڀاڄها ڀاڄهہ ڪر ٻنهن جي، شرڻ تنهن جي اچان ٿو مان،
جهڪائي ڪنڌ نوڙت سان، اڳيان تنهن جي نمان ٿو مان.
سڀاڄها..............

٢ جيڪي ٿو جڳت هيءَ سارو، فقط آڌار تنهن جي تي،
دِيا تنهن جيءَ سان دم دم، پساهن کي کڻان ٿو مان.
سڀاڄها..............

٣. سچائي سيل ڏي مون کي، صبر سنتوش ۽ شانتي ڏي،
ڪمت ڪر دور سمت ڏي، اهو ئي ور گهران ٿو مان.
سڀاڄها..............

٤. تنهن جي جيون جي شيوا ۾، سڦل جيون ٿئي منهن جو،
بدن من پران سڀ ٿو کي، ڏليون اوپڻ ڪريان ٿو مان،
سڀاڄها..............

مڪار بند مان هيءَ ٻاڏي ڪلپ برڇ سمان
آهي. اسان سٽگورن جي واٽي بار بار پڙهي
عمل ڪنداسين ته لوڪ پرلوڪ سهيلو ٿيندو.

اڄ سٽگورن کي اهائي پرارٿنا آهي ته
سٽ بڌي پردان ڪن، جيئن سٽ رستي تي
هلي وهنوارءِ پرمارٿ ٻنهي سڦل ڪريون.

سائين جن جي چرنن جا ٻالڪ

شيام سندر، گنگاڌر، دامودر، مرليڌر

پوڄ پيجارام صاحب



# ويدانت انجيڪشن

١٢ کان ٢٢ ڊاڙهه تائين

## پرتاپ نگر اُديپور ۾ فرمايل

١٢. هيءَ ندي ڪٿان آئي؟ هڪ چوي ٿو ته پٿرن مان
ئي. ٻئي چيو ته پٿرن جي پهاڙ مان آئي. اسان
چيوسونس ته اهي جواب غلط آهن. هيءُ پٿر آهي ته
اٽي ڪڏي ڌڪار هو نهوڙي. ڪوشش ته ڪيائون پر
ٽي ڪري نڪتو. ته هيڏي ساري ندي پٿرن مان
ڪيئن آئي؟ جواب هيءُ آهي ته نه سمسار روپي ندي
آهي ۽ نه سمسار آهي. سڀ ڪجهه پاڻ ٻٽي آيو آهي.

١٣ ڪڏهن؟ ڪيئن؟ ڪٿان؟ ڪو ۽ ڪير؟ اهي
سوال تو ۾ نهن ئي نٿا. صاف برلٽ سوني جو، تنهن ۾

٥. ڏني اِل مون نمائيءَ کي ، بچايو پاپ کان هردم
بڌي هٽرا سوامي توکان ، اِها آهيس پنان ٿو مان
سباجها............

## سلوڪ

١. هم پولا ڌم بڌهڪار ، هم پاپي تم پتت اُڌا
هم مئلا تم نرمل نير ، هم غافل ڌم گڻي

٢. جب آيا تا اِس دنيا پر ، سب هستي ٿي تم رولا
اَب ايسي بسر ڪر زندگي ، سبي روئين تم هستا ج

اوم تت ست تت ست تت ست .

اوم شانتي ! شانتي !! شانتي !!!

١٨. مون کان سواءِ وڃار، نيٺون کان سواءِ درشٽي،
… کان سواءِ ٻات چيٽ، هٿن کان سواءِ پڪڙ پڪڙڻ،
…ن کانسواءِ ٻ ڪنڌڻ، چت کان سواءِ چيتنا ڪنڌڻ،
…ي دلين جو دلبر؟ سڀ جو چت چور. ڪٿيو چوُ تہ
…ٿن هون، مٿن هون، مجهہ ٻن نهين ڪو
…سرا ري.

١٩. هڪ ماڇيس اٿو، ٻاهہ ڪيوس. ڇا ڪياءِ،
…وٺي ماڇيس کي تيلين سوڌو ڪٽياءِ. ٻاهہ نڪتي
…ل نہ. وري جهڙ ٻر هڻياءِ، ٻاهہ نہ نڪتي. سائين!
…نٿي نڪري. ڇا ڪريان؟ اڙي ڀائي! تيليءَ جو هڪ
…ڪو ڏينس تہ ٻاهہ آئي. سائين! ٻاهہ آئي. اهڙيءَ طرح
… شيام، جپ، تپ، نيم، ڪٿن ٻڌڻ، ٻڌائڻ، نام جپڻ،
… پڙهڻ ڪيترو بہ ڪٽي ڪيو. ٻهون، ڪجهہ نہ ٿيندو.
…جي آتم سنا جي ايليءَ جو هڪ گهڪو لڳي هي
…انت انجيڪئن ٿڪاءِ ڪرايس تہ ٻرهم سروپ جي
…ڀڪو ڪمائي، وشيہ وڪارن کي ساڙي ڇڏيندي.
…اس اچيٺي تو نہ ٻت؟ (هن داس چيو- ها سائين،
ڪرلو تہ وشواس سداءِ ٺيو رهي.)

٢٠. نندو ٻچو آهي. آواز ڀڪو تو ڪري تہ مهجو
آهي نندلعل. ڪنهن پڪو ڪرايو؟ لوهان ٻاڻ پڪو
…و آهي. ازخود. اهڙيءَ طرح پڪي ڪرڻ جو ڪو

وري وڃنا لهندي ؟ هرگز نه . تون پاڻ صفا صاف آهين
ست چت آنند روپ آهين .

۱۴. هيءُ گهر ڪنهن ٺاهيو ؟ ڪهڙن مزورن ڪ
ڪيو ؟ ڪيترو خرچ لڳو ؟ ڪيترو وقت هلندو ؟ اهي
سوال آهن مورکن جا . تون وڃي گهر ۾ ويهه . ڪو اٽا
اڇڻي نه اسان ذميوار آهيون . تنهن جو انهن سوا
سان ڪهڙو واسطو ؟

۱۵. هيءُ سنسار تو آتما جي آرام ڪرڻ لاءِ هڏ
عمدو شيش محل آهي . پرميشور آهي ؟ تون پاڻ پرميش
وري پرميشور ڪان ٿو ڳچين نه پرميشور ڪٿي آهي
تون شُڌ ست چت آنند پرميشورن جو ب پرميشور آهين

۱٦. جڏهن تون اننت آهين ته هيءُ ڳڻ هيءُ اوڳ
اٿم . اهي سوال وري ڇا جا ؟ برو ۽ ڀلو ؟ اهي پر
ڪنهن جا ؟ ويدانتين پرشن ڳڇڻ جي عادت ٿي ڪ
ٿيندي آهي .

۱۷. هيءُ چڱو آهي ، هيءُ برو آهي . اها بيماري
لڳي اٿو . وڪارن روپي بدهاضمي ۽ زڪام ۽ ٿيڙ لڳ
ڪان . ڪيڏو بيمارن کي ٻاهر . ويدانت ۽ بيماري ! هٽو
اسان واري ويدانت انجيڪشن نه دک ٿي دور . ڪلپنائ
ٿي ڇور . تون آهين نج مورن جو مور ۽ سدا حاضر
حضور .

شري ستگور ديوايه نمهه

# شري ستگر وچن

پوڄ مڪاربند مان فرمايل

لقمان خيرپور ميرس ۾

(١) هڪ سنت معافي شاهه نالي تي گذريو آهي سنڌ نئون شهري طرف. اهو نالو معافي شاهه ڪيئن پيس؟ سو هن ريت - پهرئين ٻاڪ پلٽڻ ۾ سردار هو. جڏهين پلٽڻ مان رٽائرڊ ٿي آيو، گهر ۾ ڪي ڇا ڏسي ته سندس استري پر پرش سان خراب ٿي وئي آهي، سو ڪڍندي تلوار ٻنهي جا سر وڍڻ تي هئو ته هنن ٻنهي هٿ جوڙي پڪاريو: ”سائين معافي معافي!“ ان مهل سردار کي ويراڳ آيو. ڪپڙا وغيره ڦاڙي فقيرن جي سنگت ڪياءِ. معافي - معافي - معافي جي وات ۾ لاٽ هئس. تنهن ڪري نالو معافي شاه پئجي ويس.

۽ ضرور ڪونهي تہ مان برهم آهيان. ازخود ٿو ٿي
ويندو. فقط درد وشواس رکو.

٢١. هي سنسار ڏنو آنو؟ ڏسو، سمجهو ۽ چاڻو. بلڪ
ردي نوڪريءَ ۾ ڦٿو ڪرڻ جهڙو آهي. ڇام دڪ
نشي، انڪري هن سنسار کي ڇام جي مٿان رکي وٺي
جو ويدانت روڀي ٻڙڪو ڏيوس تہ سنسار جو ڪيل خت
پيسا هضم. يا هيڻن ڪرڻ، جو سنسار کي پاٽيءَ ي
مثل ٿي وڃو تہ ليهدو ئي ڪونہ. شير مرد ٻٽو. سن
جي ڊپ کان ڀڄو نا. سنسار تنهي ڪالن ۾ اُهو ج
داٽي جيترو بہ ڪونہ آهي.

٢٢. تون پاڻ شد آتما روپ. غلطين، ڇو ڪ
اهي تو ۾ آهن ئي ڪونہ. تون شد آتما. صاف، ٻي
چوڪن کي چوُر ڪرڻ وارو، شير بهادر پٽ آهين شي
تون شيرن جو ٻچو. مٿان ٻڪرين واري ٻي ٻي سڪي
اها پڪ رکو تہ مان ست چت آنند روپ سڀ
ساکي آهيان.

(وري ٻئي دفعي. اول سڪہ تہ ملنداسين)

مرچي وٺي. پر ڪنهن سرچيو. پهرِ راندڪو ڦٽو ڪيائين
ته به نه سرچيو. آخر ٻار روئڻ ڇڏي ڏاڪڻ مان هلندو
مٿي چڙهڻ لڳو. ٿوري گهڙيءَ بعد ماڻس ڏٺو ته
ٻار جي روئڻ جو آواز آهي ڪونه، تڏهن مٿان جو
نهاريائين ته ٻار هيٺ هئوئي ڪونه. تڏهن تڪڙي
تڪڙي هيٺ ڊوڙي آئي. ڇا ڏسي ته ٻار ڏاڪڻ مان
پيو اچي. تڏهن اُن پڪاريو ته ماڻ آئيس پٽ! تون
ڏاڪڻ مان ڪري پوندين ها. ليڪن ايشور به اسان کي
بچائڻ لاءِ مٿان وشين روپي راندڪا ڦٽا ڪري.
اسان انهن ڪاڏن پٽڻ، عهدن ۽ ڪتب جي پاڻين جي
گهمنڊ ۾ پٽجي رهيا آهيون. جڏهين انهن وشين روپي
راندڪن کي ڇڏي ايشور ڏانهن ڏاڪڻ تي چڙهون
ته ايشور به اچي اسان کي دڳ ۾ ملي.

”پاٽيهي ملندن هوت، ڪجهه لون به لجاره اکيوري،
مٿان ڇوڙي بلوچ، ته هن ڪميڻيءَ مان ڪجهه نه ٿيو.“

سدت الشو جا پت آهن. ايشور سڀني جو پت آهي.

(٦) ١- اُها ڪهڙي شيءِ آهي جا گهٽجي ٿي، وڌي
نٿي؟ جواب:- آور جا (عمر) روز پيٽي ٿي گهٽجي.

٢- اُها ڪهڙي شيءِ آهي، جا وڌي ٿي، گهٽجي نٿي؟

جواب:- ترشنا.

٣- اها ڪهڙي شيءِ آهي جا وڌي به ٿي ۽ گهٽجي
به ٿي؟

(٢) ڪيترا ٻه ڊاڪٽر ڪٿي بيماري ته ٻه موت ڪان
کر بچندو ڇا؟ ڪيترا ٻه ماڻهوءَ وارا ڪٿي بيماري ت
ب جي دولت کي اهي جهلي گهندا ڇا؟ ڪيترا ب
ڪٿي پئسا هارائي ته ٻه اڪدن موت آڪي گهٽي. پ
ڪلندا اهي ويندا، جيڪي آٿم دکو ڏسندا ولا. موت
ٻه هڪ پرم آهي. جيڪاشيءِ آهي، سا ٻه پرم آهي. سنسا
آهي سڀسي جو گهر. برهم گياني ڪرنو سنسار. پرم معنيٰ هڪ
جو پيو ڏسڻ. جنهن جي ڏسڻ سان هي سڀ لئه ٿيوڃي
جنهن جي نه ڏسڻ سان هي سڀ اُلپت ٿئي، سو لو
آهن. اگيان، موهه، ڦرڻو، پرم، ڪرم سڀ هڪ شيءِ
جا نالا آهن. هڪ ئي ٻونو آيرلو، اُن ۾ گل پ ٻ
سڀ سنڪلپ پرم آهي. ٻيائيءَ جو پاسڻ ئي پرم آهي.

(٣) سڌيءَ ۾ چوندا آهن جهيڙي مهل ته ڪاڏ
وٺندلن ڙي پاڻي يعني ڪيڏانهن وري وڃڻ آهي ڇا
مرڻ آهي ڇا؟ وري چوندا آهن ته تون پاڻ کي ت
ڏس. پاڻ کي ڏناءِ ته باقي جهيڙو ڇا جو؟

(٤) ڌرلي پاءُ نه ڌرنا، لن پي جم سيتي ليکيا پرٽ
يعني جن جو ڌرليءَ لي پيرئي نه پوندو هو، سي ب
ڪال جو ڪباب ٿي ويا. باقي ت سو ڇا سمجهيو آ پا
کي؟

(٥) ماءُ وٺي مٽي اُن سڪالو. چوڪر هيٺ ولن
رنو. ماڻس هڪڙو رانڌڪر ڪٿي ڦٽو ڪيو ا. چوڪر

چين تو. شرير پانچ ڀوتون کا بنا هوتا هئه، تو
سو آتما امر هئه. هي ان وغيره جيڪي آهي، سو
راڻن جو ڪاڄ آهي.

(١١) سنتن پڇيو راجا ڪان نه نالو ٻڌاءِ. راجا چيو
سائين منهنجو نالو آهي پرتاپ سنگهه. سنتن چيو نه تو
اهو گهوڙي جو نالو ٻڌايو، تون پنهنجو نالو ٻڌاءِ.
هي نه آهي لڳ جو گهوڙو. جيئن بازيگر بازيءَ ۾ انيڪ
مورتون وغيره ناهي ايندو آهي يا جيئن ٻهروپ ڪنهن
لاءِ مٽيءَ جا گهوڙا، گڏهه ناهي ايندا آهن. جيڪي
پاڻ کي شرير سمجهي ويٺا آهن، سي نڪي ڀڳت آهن،
نڪي گياني، سي ڪجهه ڪين آهن. سڀ هن جا
پڙهن جاپ تپ اجايا. هيءُ ديهه آهي ڪانه. نه هن جو
ماءُ پيءُ. نه جنم مرڻ. ڪجهه نه آهي.

"نا جاڳي هئن، نا مرڳي هئن، هئن سڀ اسٿي
ڪرتا هون."

(١٢) اشٽاوڪر مهراج گهوڙي راجا جنڪ جي سڀا ۾
نه سيدي رشين براهمڻن ڪلي ڏنو، چيو نه سنڌس روپ
خراب هو، سنڌس بدن ۾ وڪڙ ڪين سان هو.
اُن ڪب هئس. تنهن تي اشٽاوڪر مهاراج راجا
جنڪ کي چيو نه مهاراج عجب آهي، جو تو هيترا چمار
ڪٺي سڀا ۾ ڪنا ڪيا آهن، جن جي منهن جي چمڙ
جي بدن تي وڃي دشٽي پيئي آهي، جو ڪلن تا

جواب :- ٻڌي سنتن جي سنگ سان وڌي ٿي
مورکن جي سنگ سان گهٽجي ٿي.

٤- اها ڪهڙي شيءِ آهي جا نڪي وڌي، نه گهٽجي
ٿي؟ جواب :- پرارٻڌ ۽ آلما.

(٧) اگياني مورک به آهن مک وانگر. جيئن مک مٺائي
وغيره پدارٿن تان اٿي وري گند ۽ وشٽا تي وهي ٿي
تيئن اگياني مورک آدمي ساڌ سنگت ۽ ڪيرتن وس
اچن به ٿا پر وري به هيڻ وشيه جي رستي ۽ لمپٽ
وڃن ٿا. ڪڏهن ڏيهان پر. نه ڪڏهن پاتال پر. سوان رواج
مکم وانگر نه ٿجي. ماکيءَ جي مک وانگر ٿجي جا هر گل
واس وٺي، خوشبوءِ وٺي ٿي، ڪڏهن به گند تي نه وهندي
آهي.

(٨) سنتن وٽ ڪر رسوئيءَ سان ڪٽار ڪٽي آ
ڏڌهن سنتن چيو، بابل ڪٽار چري ٿي ته ڪٿو ٿيءَ جڳ
کان.

(٩) گيان جو لت ڇا آهي؟ سب منهن جو
روپ آهي. ويراڳ جو لت ڇا آهي؟ منهن جي ڀڳ
کان سواءِ ٻيو سڀ ڪوڙ آهي. ڀڳتيءَ جو لت ڇا آهي
سرولر منهن جو پرپر ٿي پرورت آهي. هيءَ
منهنجي ٻرپرءَ جي ليلا آهي. "سرا ٻرپرو ٿي مجهه
سمايا."

(١٠) ڏڄ ڄڄ نه. شرلر لدهيجو ججه آهي ڇا؟

دائي داٽي لي مهر آهي- "پادشاهي کي ڪون چاهين
- پر تہ اوستا والن کي شيوا ڪر."

(١٥) سوامي جن وقت ننڍڪو (ٻالڪ) پيو هو
ڇي، سو ٺهرائڻ لاءِ مون ڪليو هئائون. اسان پڇيو تہ
مت ڪتي ڏونئون سائين؟ ننڍڪو ٻه ڪٽائي ڇڏيو اٿو
ڇا؟ سائين جن فرمايو تہ "پائي ننڍڪا ٻلڪا پيا ٿا
رواهيو، ڪڏهن تہ راماننڊ پيا ڳولهيندءِ پر اهو نہ
پيندو. سڏ ڪندا تہ ٻہ ليندو سالوئي ڪون، پر شرڌا
سان هڪ سڏ ڪندا تہ ٻہ اوهان جا ڪارج اچي راس
ڪندا سين.

(١٦) پرساد بچيو. سائين جن فرمايو تہ هي لوکي
ئي هجي. اسان نہ ڇنون تہ نہ ڪو گراهڪ ٻڌجي پوي
ام جو نہ ڇٽي ٺٺون پرساد جي ورهائڻ جي گوڙ کان.

(١٧) گرو ڳڙ نہ چيلو چيني- گروءَ کان چيلو ٻمهنجو
ولي ٻاو سياو ڪري وڃي اوچيءَ پدويءَ لي پهچي نہ
ٿو. درشانت ٻڌي ڇڏ شيام! هڪ دفعي هڪ ٺون
جڳياسو ماڻهن جي گروءَ کان ولراڳہ پائي آيو ڪنهن
ستت وقت. انهن جي شيوا ۾ رهندو هو، کائيندو پيئندو
ٻہ هو. هڪ دفعي اڪادشي آئي تہ گروءَ چيو چيلي
کي، سڀتو جي آج اڪادشي کا پرب هئہ. آج گهر ۾
روٽي نهين بنيگي، جهنگل ۾ جانا پڙيگا. سمجها؟ الو
دينا. هان گرو جي سمجها. وهان جب مدنان ڪال ڪا

منهنجي چم کي ئي آتما سمجهي ويٺا آهن. بدن ج
ڏنگائي سگهائيءَ ڪري آتما گهٽ وڌ ٿيندو آهي ؟
گنگا ماتا جيڪڏهن وڏ وڪڙ ٿي وهي ٿي ته گنگا جل
جا خرابي ٿيندي آهي ڇا ؟ تنهن تي سڀ براهم
پنڊت لڄائمان ٿيا ۽ اشٽاوڪر جي مهاراج کان معا
ورتائون.

(١٣) هيءَ جيءَ ڪاڻ ۽ ڇوڪر ميمڻي ڪونه ٿو
ٻاسي ٿي ڪونه ٿو ته مان ڪو ڪاڏو آهي. هي
وڻهيه هيترا مڙ ڪاڏو پيئو اٿس، ته ته صبوح جو اُٿي
پڪيو ٿي پکيو. دوڪان. داريءَ مهل چوندو آهي ته
جيڪا توسان ڳالهه ٿو ڪريان، سا بلڪل سچي آهي
مان اجا اُن جل ٿي نه ورتو آهي. توسان پيو اڪ
ڪونه ٻولينديس وغيره وغيره. "نه ڪها مي، ن
ڪا ٻيا ماني."

(١٤) ڪجهه گهرون، ڪجهه هڙون، ڪجهه وڙو
ڪرڻ چڱو آهي. ڀڳوان به پيو ٿو سڀ ڪجهه موڪلي
جا به نئي وستو دنيا ۾ ٿيندي آهي، سا ڀڳوان پهر
اسان ڏي رواني ڪندو آهي. تڏهان اسان کي ڪوڙ
جهنگل ۾ وهاري اُچو ته به هيءَ اسان جي ڪُت سد
پرسادن سان پوري پيٽي هوندي. الڪه جي ڳوٺري آهي
ڌرلي ڌپ رکي ڌرمسال. هرڪو پنهنجو پوکيل ڪ
پرارلبڌ جو ڪاٽي ويندو. هاٽي ڪندو تم اڳتي ٿيندو

ماريندا هُن ڇا؟ وڏ ٻڪ نه ڪاءِ. تڏهن ٺاڪر چيس ته ٻيءِ
اڪادشيءَ تي ٣ پاءَ اٽي جا ڪٽي اچجانءِ، ڇو ته مان
راڌا کي به وٺي ايندس. گروءَ سان اچي ڳالهه ڪيائين ته
هن کي اڄ سير اٽو پورو نه پيو. ٻيءِ اڪادشيءَ لاءِ
ڀڳوان چيو آهي ته ٣ پاءَ ساوڙيءَ جو اٽو ڪٽي اچجانءِ.
گروءَ چيو ته هي ڪو ديوانو آهي. اٽو وڪيو هوندائين
يا هارجي پيو هوندس. ڀڳوان ڪٿان هن کي درشن
ڏيندو؟ پر هن کي اڪادشيءَ تي ٣ پاءَ اٽو ڏئي جهنگل
ڏانهن موڪليائون. چيلي به ساڳيءَ طرح ڪرڪيون پچائي
ٺاڪرن جي اڳيان هٿ جوڙي ارداس ڪئي ته شري
ڪرشن راڌڪا سميت اچي پرڳٽ ٿيا ۽ کيترو حصو
کائي ويا. هو ٻکيو ئي رهجي ويو. وڃڻ مهل ڀڳوان چئي
ويس ته وري هن ايندڙ اڪادشيءَ تي هڪ سير
ڪڻڪ جو اٽو ڪٽي اچجانءِ، ڇو جو مان پنهنجي سنگتا
سان ايندس، ٻال گوالن سوڌو. جڏهن اڪادشي آئي،
گروءَ لاچار هن کي هڪ سير اٽو ڏنو، پر لڪ چوريءَ
هن جي پٺيان آيو ته ڏسان ته سهي ته هيترو اٽو ڪري
ڪيڏانهن ٿو؟ وڪٽي ٿو يا ڇا ٿو ڪري؟ اهو وقت
آيو. چيلي ڪرنگهه جي اٽي مان روٽلا پچائي ٺاڪرن
جي اڳيان رکيا ته گروءَ ڏٺو ته ڪن پر اچي ننڍڙا ننڍڙا
سروپ نڪتا. ٺڪر ٺڪر ڪري روٽلا سڀ کائي کپائي
ويا. هن ويچاري واسطي هڪ ننڍڙو ٺڪر ڇڏي ويا.

سما هووي، اُس وقت ٻه آڌا سير ساوڻ ڏا آ
لئي جانو. ٻڪا ڪر ڪي، ٻه آلو هئن، نمڪ مرچ
ڪي چاڀين ٻڌا ڪر ٺڪر جي ڪو ڀوڳ لڳا ڪر، ڦ
آپ کانا. سمجها؟ هان گروجي! سمجها گرو ني ڦر ٻو
ڪ وَه جو ٺاڪر آپڪي ڪلي پر همني ڊالا ٿا.
ڪهان هئ؟ چيلي چيو ته، وه ڳلي پر اڳ رها ٿ
هم ني سوني ڪي ڪمري پر ڇت پر رکه دئا هئ
گروءَ چيس ته وَه لي آئو. اهو کڻي آيو. گروءَ هن ج
ٻانهن ۾ ٺاڪر ٻڌي ڇڏيو. شش آيو جهنگل ۾. جڏ
منجهند جو وقت ٿيو، ٻڇ لڳا، ڏٺائين ته اهو اُ
ايڪادشي وارو ڏوهي ٻه روٽيون پچائي هڪ ٺا
جي اڳيان رکي، هٿ جوڙي ولنو ڀوڳ لڳائو. گهڻ
گذري. ڏسي ته روٽي ته اُئين ئي امانت رکي آهي
ٺاڪر ڀوڳ نه لڳايو آهي. وري اکيون ٻوٽي ول
ڪيترا ڪلاڪ گذريا، آخر ٻڪ مرڻ لڳو. آخر چيائين
جيسين ٺاڪر نه کائيندو، تيستائين مان به اُن نه وڪائيندس
آخر ٻرلم ۾ اچي ڪپ ڪڍي ٻاڪ کي مارڻ لڳو ت
گرو مهاراج چا چئو ندو ته سڀ روٽي تو کاڌي! ٺاڪ
ڪي ڪاراڻ ڪرنه. هو ڏاڍهن ڀڳوان شري ڪرشن چند
سنڌس الي ٻرلم ڏسي ٺاڪر مان نديڙي شيام مور
ٻرگهمت ني ۽ سنڌس ڪپ کي جلهياءِ ۽ ڀڳوان روٽ
کائڻ لڳو ته چيلي مونڙ ڪڻي ته بس بس. مون کي

نه طوطو سمجهي ويو. جڏهن گهر وٺي آيس نه سياڻي ٿي جيئن راجا گيتا پڙهائڻ لڳس نه شلوڪ پڙهي ڪٺي ڪند لاڙهائين. جڻ مري ويو آهي. راجا وائڙو ٿي طوطي کي چا ٿي ويو. پري نيو، هوا ڪرايوس. آخر ننڪمو سمجهي ٻهري ڪان ٻاهر ڪڍي ڦٽو ڪيائونس نه طوطو اُڏامي وڃي وڻ تي ويٺو. جڏهن شام جو پنڊت ڪٿا ڪري پوٺين ست چوڻ لڳو نه جو ڪوئي رام ڪا نام سمرڻ ڪرتا هئه يا گيتا پڙهتا هئه، وه مڪت هوتا هئه، تڏهين طوطي چيس نه پنڊت تم جو تا هئن؟ رام کي نام سي گيتا پڙهڻي سي مڪتي نهين ملتي پرنتو سنتون کي اڪتي سي مڪتي ملتي هئه. سو سنتن جي اڪتي سان مرڪو آهي يعني آءِ پڃي کي ليائي ڪرڪو آهي. رام سنيهي نارهي؟ جي رهي نه بانورو هوء. جيڪڏهن پڙهندو نه يا نه بانورو ٿي رهندو يا پاڻ نه رهندو. پاڻ رهندو نه ڀڳوان ٿي رهندو.

١٩. هڪ سنت کان ڪنهن اُچي پڇيو نه سائين! مون کي ڀڳوان نه ڏيکاريو. سنتن چيس نه بابا جيئن تون ۾ تيل، ڪمند ۾ رس، کير ۾ مکڻ آهي، تيئن سروتو ڀڳوان موجود آهي. نه ته هن کي پرليس نه آئي. سنتن آخر پٿر ننڪاءِ ڪري مٿي ۾ ڦاڙ ڪري ڇڏيس. نه هي ڊوڙندو آيو فوجداري ٿاڻي ۾. سنتن کي گهرايو ويو. سنتن چيو نه هي ٿاڻيدار! هن اسان کي لنگ

گروه سارو اڀاءُ وهنئي ڏٺو. ستنا ورائي تي نه هي اچي
چيلي کي پيري پيو ته تون ميرا گرو، مئن تيرا چيلا
آگي تم گهر ۾ رهو. تو مئن آکي جهنگل ۾ اڪاد شي
ڪا ورت ڇڏونگا. سو گرو ٿيو، ۽ چيلو چيني. چيل
پنهنجي ٻالي ٻولي سياه ڪري اوچ پدويءَ تي پهتو

١٨. هڪ راجا وٽ هوندو هئو هڪ طوطو. طوطي
کي گيتا وغيره پاٺ پڙهڻ ايندو هو. رام نام ۽ چوند
هو. پنڊت اچي ڪٿا ڪندو هو راجا وٽ. ڪٿا ٻڌ
چوندو هو ته جنهن هيءَ منهنجي ڪٿا ٻڌي ؛ جيڪ
رام نام جپيندو، سو مڪت ٿيندو. تنهن تي طوط
چوندو هوس ته پنڊت جي تم جوٺي هو. رام نام ڪي
سمرڻ سي يا گيتا جي ڪا پاٺ پڙهڻي سي مڪتي نهي
ملتي. پنڊت کي ڏاڍا خار لڳندا هئا. چوندو هوس ته ٻيل
تي پيو آهين راجا جو طوطو، نه ته جيڪر الٽي مڪ
پڇي ڇڏيانءِ. روز روز پنڊت جي بي عزتي ٿيندي
رهي. پنڊت ته سڙ ٻڙي ويو. هڪ لڳا هڪڙي ٻ
سنت سان ڳالهه ڪيائين. اُن مهاتما چيس ته هڪ واري
اُن طوطي کي منهن جي سامهون آڻ، پوءِ ٻس بي عز
ڪان ڇٽي پوندين. پنڊت ته ڪو موقعو وٺي راجا ک
طوطي کي گهمائڻ ٻاهر هوا کارائڻ جي بهاني وٺي
اُن سنت وٽ. جڏهن سنت هن جي اڳ ۾ اڪ ملائ
گيتا جو پهريون شلوڪ پڙهي ڪنڌ ڪٽي لاڙ

پرميشور ٻيو آهي. اها ڳالهه پڪي ڪري ڄاڻ ته پرميشور
مان ئي آهيان، مون ۾ پرميشور آهي. سڀ ڀڳوان ۾
آهي. سڀ ڀڳوان آهي. شرير ڀڳوان جو، هٿ ڀڳوان
جو، آڱر به ڀڳوان آهي.

٢٠. ڪام کي ڦيري ڪامنا ڪرڻو آهي. ڪامنا
اهڙو جي ملڻ جي رکون. ڪروڌ ڪرڻو آهي اندرين
تي ته جيئن هيڏانهن هوڏانهن نه وڃن. لوڀ ڪرڻو آهي
ته سنتن جي وچنن پڙهڻ جو. اهنڪار ڪرڻو آهي ته
پنهنجي چيتن سروپ جو ته مان اهو پاڻ آهيان. موهه
ڪرڻو آهي ته آتم سروپ ۾ سدائين اسٿت رهون. فقط
ڪانٽو ڦيرائڻو ته من لائين تي گاڏي اچي. هٿيار آهن.
اهي پاڻ تي هلائيندو ته اُن ۾ هٿيارن جو ڪهڙو
ڏوهه؟ هٿيارن سان پنهنجي رکيا ڪري يا پنهنجي مالڪ
جي رکيا ڪري. هيءُ جيو وري اهڙو آهي، جو
دشمن تي هٿيار هلي ڪون ٿو، هلي ٿو پاڻ تي يا
مالڪ تي.

٢١. سنتن وٽ هڪ پريمي آيو. سنتن پڇيس ته اٺ
سال اها ٽڪ پڪاءِ ته پرڀو مون سان ساڻ آهي. اٺن سالن
بعد آيو سنتن پڇيس ته ڪر خبر؟ چيائين ته سائين! اها
ٽڪ پڪائي اٿم. سنتن چيس ته جي اها ٽڪ پڪي
ڪئي اٿيئي ته وري ڀؤ ڪهڙو؟ گرو صبري سڳه سدا
هرنالي. وري به ٽڪ چيائونس ته هيءَ پڪي ڪر

ڪيو نه ڀڳوان ڏيکاريو. هي چئي تو نه سو آهي
ڏاڍو. سو اسان کي سو ساڪيات ڏيکاري ته اسان ه
کي ساڪيات ڀڳوان ڏيکاريون. جيئن سو انيڪ ڪري
تو، پر ڏيکاري نٿو سگهي، ليڪن پرماتما سروَ ۾ آهي
پر ڏيکاري نٿا سگهون. سو ايشور به انيڪ روپ آهي
۽ پاڻ آهي.

”پر روپ پر عاشق بهت ديکي، اپني روپ ڪ
عاشق ڪوئي نهين.“ پنهنجي روپ لئي عاشق ن
اٺي پنهنجي گهر ۾ بي خوف ٿي ويٺو آهي. پرائي
گهر ۾ وڃڻ ۾ اٽڪ ٿيندي آهي. پوءِ ته مٿئين پرامي
خوب سنتن جي سيوا ڪئي. هڪ دفعه گروءَ چيس
هان هيءُ لوهه جي ٽڪ اٿيئي. هن مان وکر لهرائي
ڪٺي اچ. هو چار پئسا لوهار وٽي ته ڏ جانس، چيلو آ
بازار ۾. ٽڪ جو وکر لهرائي آيو. چار پئسا به ڏيئي
آيو. سنتن چيو ته لوهار کان وکر واپس وٺي اچ. س
وري لوهار کي چيائين ته اها وکر ته واپس ڪر. ه
چيس ته چريو ته ڪونه ٿيو آهين، وکر ڪر مو
ڀيٽيءَ ۾ ڪونه رکيو آهي پر ٽڪ ۾ وکر هو، ته
هٺي سڌو ڪيو مانس اهو وکر لهي ويو. وکر الڳ
شيءِ ڪانه آهي، جو تون وٺڻ آيو آهين. تيئن پت
ايشور ڪو ٻيو سروپ ڪونه آهي، اهو تون ئي ش
روپ آهي. وکر آهي ديکه پاءُ ته مان ٻيو آهيان

تو پڇيس ته ”ولي ڪب کي پاڻو پساوي هئن؟“
جواب ڏنائين ته ”جب سي هاٿ سڪوڙي هئن“
ڪسي جڏهن ڪان پگهار وٺڻ ڪان هٿ ٻوٽيا آهن. بادشاه
پڇيس ته ڀلا هاڻي مهرباني ڪري ڪٽي هل. وليرام چيو
ته هاڻي اسان ٻئي سچي بادشاه جي نوڪري ڪئي
آهي. اڳي مان لوڪي ڪارائي پياري ٻوء وچي ڀاڄ
ڪائيندو هوس، هاڻي آءٌ ايشور مون کي ڪارائي
پياري ٻر ڀاڄ نه ڪائيندو آهي. اڳي مان لوڪي سنڀاري
سکيو ڪري ڀاڄ ڀوري لي سڄاڳ رهندو هوس، هاڻي
آءٌ سچو پاتشاه مون کي سنڀاري، ڀاڄ ڀوري تي
سڄاڳ ٿيو ٻيٺو آهي. آن بادشاه سچي سائين جي
نوڪري ۾ لي چڙهيا آهيون. هاڻي تنهن جي نوڪريءَ
جي ڪابه پرواه نه آهي. ائين چئي راجا کي روانو
ڪري ڇڏيائين. سو هي فقط چئن ٿڪن ۾ وڃي وهي.
قلعو ٺٽائي وڃي وهي. اڪانت. چپ. ٻڪ. جاڳرتو.
ٻوء نرنئه ڪري ته مان ڇا آهيان؟ ايشور ته مليو ملائو
آهي. ”مليئي ڪون ڪيا مليئي، جو ڌرئون ئي مليا
هوء؟“ جڳت به نورئي آهي ٻر نورت جي نورلي
ڪرڻي آهي. جڳت آهي ئي ڪونه. پرميشور مليو
ٻيو آهي. ملڻي ڪي ملائڻو آهي. جڳت ڪوڙو آهي.
ايشور ٿهي ڪالن ۾ ست آهي. گرو نانڪ صاحب
کان پڇيائون ته وائيء ۾ اڪو ڇو لکيو سائين؟ چيائون

۽ پرميشور سڀ ۾ آهي. اُن سال پڪي ڪري آهو
سنتن چيس تہ جي اِها پڪي ڪئي اٿيئي تہ پاڻ
ڪٿي ڪندين؟ ۽ ڪهڙو ڪنهن سان ڪندين؟ ناستڪ
اُهو آهي، جيڪو پرميشور کي هر هنڌ سمجهي ڪري
۾ پاپ ڪري ٿو؛ ۽ اُهو، جو پرميشور کي نٿو مڃي

٢٢. وليرام هوندو هو ڪنهن بادشاه وٽ وزير.
جيئن اچي سجدو ڪري اڳيان سلام ڪندو هو تہ
جيستائين بادشاه هٿ سان اشارو ڪري وڃڻ جو
تيستائين بلڪل نہ سري، نہ پري. هڪ دفع جيئن هي
سلام ڪرڻ لڳو تہ ڪکر جو هڪ ڦنڊاري ڏنڀو هن جي
چوٽيءَ ۾ گهڙي ويو. وڃي اندر چڪ هڻڻ لڳس.
صبر ڪري بيٺو رهيو. پوءِ بادشاه کي راضي ڪر
لاءِ هيترو سور سٺم، اهو جيڪر ايشور لاءِ سهان ها
ڪيترو نہ درگاهه ۾ اجورو ملي ها. اِهو خيال ڪري
سڌو آيو دربار مان نديءَ جي ڪناري تي اچي و
۽ نوڪري تياڳ ڪري ڇڏيائين. ٻيا ڪيئي وزير هن ک
مٿون ڪرڻ آيا پر هي نہ مڙيو. پٽ کي سڀ ک
ڏنائي، بادشاه کي استعفا ڏنائين، پاڻ وڃي ايشور ج
رنگ ۾ رتو. ماڻهو اچن پيا پر هي چوندن پيو "هـ
سي مت ٻولو. هم خفتي ديوانا هئن." آخر ڪنهن
سمي ۾ بادشاه به منٿ ڪرڻ آيو تہ هي پير ڊ
ڪري بادشاه ڏانهن پير پسارڻ لڳو. تڏهن بادش

ايڪانت ۾ ويهي ويچار ڪرڻو تہ مان ڇا آهيان؟ جڳت ڇا آهي؟

٢٤. پنجاب طرف جهلڻ ساڌ ٿيو آهي. وڏو زميندار هو. چار پائر هئس. پيمر، پت، نهر، وڏو اٽالو هوس. پاڻ بہ سنت شيوي هو. جهلڻ جاٽ ڪري سڏبو هو. سندس زال مري وئي. چيائين تہ هاڻي گهر ۾ وهڻ اجايو. هن گهر ۾ وڃڻ بہ لائق نہ آهي. مائٽ گڏيس. چيائونس تہ ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ چيائين تہ "اب رب دي پاس جاندي هئن. اب رب اسان ڏا ٻيلي." چيائونس تہ ڇو؟ پائر اٿيئي؟ چياءِ تہ پائر ڪٽي ويون پاڇاهون. چيائونس تہ پيلا پٽ، جي تنهن جي پيٽ جاوا اٿيئي؟ چياءِ تہ ڇا ڪريان؟ پت ڪٽي ويون نهر. چيائونس تہ پيمر اٿيئي؟ چياءِ تہ پيمر ڪٽي ويا پيٽيوڙا. ڏنئر ڪٽي ويا ناڻي. باقي هئي زال وئي الله ڏي. اسان ڏا رب ٻيلي الله هئن. آئون هڪ باغيچي ۾. اڀياس پيو ڪري. ڪجهہ ڏينهن بعد اُن باغ جو مالڪ هڪ وڏو زميندار هو، سو آيس. ميوا مال مانيون ڪٺي آيو. پنهنجي گهر واري ٻار ٻچا ونئي آيو سنت جهلڻ جي درشن ڪرائڻ لاءِ. چياءِ تہ سائين، توهان جي آسيس سان سڀ ڪجهہ آهي. ٻيو تہ سڀ ڪجهہ ڏنو اٿو، باقي اها بخشش ڪريو تہ من ٿانءِ اچي. سنت چيو تہ، پاڻي ڪانہ پيندؤ مال ميوا مانيون، ڀري نڌؤ هتان، تہ ڪيا ڪرسي

۽ آيا منجهيلن کي سمجهائڻ لاءِ. اوم نام روپ جو آڌ
اهو آهي هڪ نرڀئه نروار مرلهو لي رهت آهي. هڪ
رس آهي. اهو ڪيئن پراپت ٿئي؟ گرو پرساد گر
جي پرساد يعني ڪرپا سان پراپت ٿيندو. گرو ڇ
ڏيندو؟ جپ، ڪهڙو جپ؟ ڪنهن کي ڏيندو؟ جواب
آد سچ جڳاد سچ هئه ڀي سچ، نانڪ هوسي ڀ سچ
پر جڳت ۽ آد چت. جڳاد چت، هئه ڀي چت، نانڪ
هوسي ڀ چت. جيڪي ڏسجي ٿو، سو آياسي آهي
چيتن جو ڦرڻو اهي. ڏسڻ وارو سو سچ آهي. جوت
۾ جوت، جوت مهه جاتا، باجي ۾ ٻمروي ڪلياڻ واڳ
ڪونهي، ٻر لوڀ اندر آهن راڳ. جهڙا وجائين، اهڙ
وڄندا. اهي راڳ ٽون پاڻ ٿو ڪيڏن. ڪلون ۽ سڀ
پاڻ آهي، جئن سنيما جو کيل.

٢٣. ڪنهن اڇي سائين جن کان پڇيو ۽ سائين! و
اڳم ٿيو ليا ٻج؟ سائين جن فرمايو ته بابا ج
ڪجهه هوئا سو ايڪا وار. سڀ شيون هڪ مهل نهيو
آهن. ليڪن ٻڌي آهي ته هئن ٿيندو. جيو ۽ ڪر
سڀ ڪنا آهن. جيئن ٻنين ۾ مهو. پردو لاهيو اگيان ج
هن اگيان پردو اڇي ويو آهي. هن اگيان کو ب
اگيان جو پردو ڪونهي. (١) ايڪانت (٢) چپ (٣
بڪ (٤) جاڳرتا، اهي چار ڳالهيون ڪماڻو. پسو

ساڳي آهيان. تون ٻيٺو آهين. ٻئي شيون سڀ ناسونت
آهن. هلي ويندڙيون. جيڪو قائم تنهن جو سروپ آهي،
تنهن ۾ ڀاڱا ٻيهي نٿو. باقي "سنگ سهائي سو آوي
نه چت ۾ جو ٻڌائي تا سنه پرمت!" جاڳرت سکوپنه
۾ به ڪيتي آها ڪيئي وٺا.

٢٥ مرد آهي آهن، جيڪي ڏاڻ ڏي ڏاڻ پيا، پر
وٺن ٿا. اڌ مرد آهي آهن، جي ڏاڻ ڏا نه وٺن ٻس
ٿا. نامرد آهي آهن، جيڪي ورٺن پر ڏاڻ اصل ڪونه.
توهان هتسا پوسٽ ماسٽر کي ڏٺو آ پهچن نه. باقي گهر
۾ رکيا هوندا ته ڪيئن پهچندا؟ يعني سنتن مهاتمائن
جي شيوا ارپڻ ۾ لڳايو ته پرلوڪ ۾ ڏهوڻا ٿي ملن.

٢٦. مايا انهور جي زال آهي. پٽ ڪي ماڻ جدله
پينهين ڪري ٻس ڪارائيندي آهي. "مايا تو ٻڌري
نهين، ٻڌرا آپاڳا جيءَ، مايا سي سکرت ڪري، تو آن
ملاوي پيءَ (پي = پرمتم). ڀڳوان ڏٺي ته سنو تـو ٻر
هي مجي نٿو. جيڪو ڏيندو هڪ، تنهن کي ڏهه ته
ملندا هـمه؟ باقي پرلوڪ ۾ ڪيس ملندا يعني نوڻل
هڪ رپيو دان ڪرڻ سان هڪ سؤ ملن ٿا.

هڪڙيءَ مائيءَ ڪي پٽ هنا چار- سؤ ڪن روپيا
هٿن. سندن ارادو هو ته ان مان چار ڏاند ڪٽي وٺبا.
سؤ روپيه سانڍڻ لاءِ ماءُ وٽ رکيائون. لکيهو جو هڪ
ساڻ ليرت واسي، آهـو پڪارهندو ٻئي ولو تـه آهي

جهالط چمت؟ پر هنداون کٿا، ڪاون پمت ٿ، پنج پ.تسبين
جهالط چمت هوندي رسن، ٻي وس ٿيءُ. اهڙي ٻيرو
داءِ ٻٽيو هٿن. جيمت، پاون هار. پوءِ ڪندس ته پوءِ
ڪندس. ٻيلو ڏسي وڪيا ٻه ڪڇي، پاڻي ٻه ڏجي.
پول ڪندو ته موت روپي آهر اڇي ونندي. ٢١ پيرا
شڪر ڪريو، جو هر هر جو تسلو پيدا ٿو ٿئيو. ڏن پاڳ
آهن جيوَ جا نه ته ٻيا جهوَ گهٽو ڪري مڪ وانگر آهن.
سنسڪر ٻه ٻڌن تا ٻوڙوي ٻه گند لئي پيا وهن. ڪنڌب
ڏٿون مان ڪنهن سڪ پاڻ؟ ٻه چلي نه ليوري نالي.
قوب ڪر پرهوار سان، پر موهه نه ڪر. روشنط ٻه روءِ
ڪلاط ٻه ڪل ٻر سمجهي ڪم ڪر ته روئان ڏو فقط ڪم
لاءِ. ڪام، ڪروڌ، لوڀ موهه. اهنڪار ڪر پر
ڪم لاءِ. ڪم واسطي ڪم ڪر. تماشو سمجهي ڪم ڪر
راجا ٻٽائي ته راجا ٿي وڃه، شيوا ڪرائي ته شيوا ون
ڪر. ڪٽنب جي پالنا ٻه ڪر پر سچ جي ڏنڌي سان
گهانو واڌو سيت جو سمجهه. لڳي نه مر. سنسار ٻه ٻ
عقل ٿي نه گذار. ڏن ڏسي هوءِ ڪٽي لٽي چڏ. ڏ
هجي ڏوڙ ٻه ڏ چمڪوڏني نور ٻه. هڪڙو ٻيرو ڏ وشر
ڪري پمهجو، پوءِ ٻردو ڏٺي ڪيل ڪر. ٻردي اند
سٽنيما هيٺي هلي. وڃي ساڪي ٿي راند ڪر. ٻر سمج
ته مان آهيان آهوڻي. جاڳرت سپن سکوپت، ڳريا، آ
پوپمه ڪي ٻه ٻريتا (ٻريتا=جاڻون). سمجهه ته ما

گهور جي وچون تولان. ليل پيا لائنس. ملر پئي پيا
كنس ۽ سچي گيهه جي پورني پيا كارائنس ۽ وڏي
واڪ كنس ڏيئي چڱا ٿاڻون ته اما! پئي اهڙا سودا كندي
كر، جو انرو نفعو پيو ملي. كڏهن سچ ۾ اهو
ساڳيو سادو ٻه اچي لنگهيو، اهڙي هوكو ڏيڻ لڳو.
ڏهڻ ساڌ كي سڏي چياءِ ته هاڻو برابر ساڌ! اوهانجي
ڳالهه سو رهڻ آنا آهي سچي ته ايك ڏاڙي دس پاوي، پر
اهو ڏيكو ڇهه كا ڀروڙا (جوتا) كون كاوي؟ ست
هي ڦت ته ڏس، اڃا هڏ هڏ ۾ پيو سور ٿوي. چوون
مارڻ آهي. سو جيكر پرميشور ارت وٺي ٿو ته لاهي
ٻ سكهي ۽ پلي وٺي، نه ته ٿن جو هتسو تمام ڏُورو آهي.
باقي جو گهڻ مال ڏسي سب لڳهائيندو وڃي ته حساب
ڏيڻو پوندس. باقي سادو ته سمجهه، حاكم ته گرم،
واپاري ته نرم، استري ته شرم كجي.

٢٧ هر وقت ائين پيو چؤ شيام! نه مئن ناهين، پر سب
كڇ تيرا. پرڀوءَ كي سنمك سمجهه، پوءِ گهور
چاجي رهندي؟ جڏهن وقت رام هوندو ته سڄ ٻه اُن
وقت هوندي. هن وقت اِي شيءِ نهندي كانه. سڄ ٻڙي
هر كي گن ڏاؤ، رام جو نيو. لڇهن جي نه هوندي ٻـــ
صفائي. جن وقت هوندي گهڻي آهي، سو ٻ ائين آهي
جيئن كير ۾ مكڻ. سو نشكام ٿي سنتن ۽ ٺاكور جـي
پوڄنا كجي. رام سڀهيءَ كي رام مليو. ٻاڙيءَ كي ٻاڙو

ڪوڏان جو اسان کي هڪ سؤ روپيا ڏئي ته. اُن
کي هڪ هزار ڪري ڏيکاريندا سين. مائيءَ ٻڌيءَ جو ٻڌو،
سو دل ۾ اهو سوچيائين ته سودو ته چڱو ٿيندو، ٻنهي
۾ ته اڌو ورهاڱ ته ملندو، نڪي ڏاڍن ڳنڍي اڌو
فائدو ٿي سگهندو. سو چئو ته اهي سؤ روپيا ساڌ کي
ڏيئي ڇڏيان. ساڌن کي سڏي چيائين ته توهان جي
مک جي ڳنگا بلڪل سچي آهي. بيشڪ هزار ٿي ملندا
ته هي وٺو هڪ سؤ روپيا. ٺگ ٺوانسي مهاتما ته پئسا وٺي
ويو. پٽن هوڏاهن ڏانڊ جاچيا. آيا ماءُ وٽ. ماءُ
کان هڪ سؤ روپيا گهرڻ لڳا. سندن ماءُ ته هيءَ ڳالهه
ڪري ٻڌائي ته هڪ ساڌ کي ڏيئي ڇڏيا آهيم. پٽ
سڀ اچي ڪاوڙيا. چيائونس ته ٺوڪي ڪو ٺڳيندي
ساڌو ڦري ويو آهي ۽ ماءُ کي مارڻ شروع ڪيائون.
مائي گهر ڪان ڀڄندي رهي. هي پٺيان ڏنڊا کڻي مارڻ
لاءِ ڊوڙيا. آخر ٻڍي وڃي ٻوڙن ۾ لڪي. اُلٽي
ڪنڌا سندس هٿ کي رهڙي ويا. تب چورا ڪونه
ڇڏنس. اُتي مائيءَ ٻوڙن ۾ لڪي چيتا ۾ ڪڏ وڌي
ڪوٺي ته هڪ هزار روپين جي ٿيلهي زمين مان هٿ آئي.
ڏڍهن پٽن کي ڏناءِ ته وٺو ورانا، هان هي ڪٿو هڪ
هزار. ڇو ماٺ ته ڳنگا ماتا لي رهندڙن سنتن جو چوڻ
ڪڏهن ڪوڙو ڪونه ٿيندو آهي. ٻوءِ ته ساڌن سڀ
ماتا کي هنج ۾ ڏٺي گهر ۾ آيا. چون پيا ته اسان جي
اَمڙ! او اسان جي جيجل! اسان وارجي ڦيرون،

ڪندا هس. سو پٽس ڏنو ته هٿ تي چڙهي آهي، سو
هڪڙو ساڌو آهي، جو روز چار پيسا ڪمائيندو آهي.
بگت ناهيندو آهي. اُن مان گذران ڪندو آهي.
ڏيءُ ڇوڪري ته هٿي راجا جي ڌيءُ. هٿ تان ته
ٺي لڌي. صاف ڇپايءُ لاءِ ٻي پرتيت واري سان
هرگز شادي نه ڪندس. سو راجا آخر اُن ساڌوءَ سان
ڙائي آئس. صبوح جو جڏهن اها زال، جا اڳه ڇوڪري
هئي، ٻهاري ڪڍي گهر جي صفائي ڪرڻ لڳي ته ڇا
ڏسي ته جاري ۾ گلاس ۾ کيل ۽ اَڌ روٽي ٻه رکي
آهي. سو هڪدم ڇمپل پائي هلڻ لڳي ته مار هٿ ۾
ڌهن جي نه هٿي. ساڌو سندس پٺي پيو ڇولس ته ڪر
خبر، ڪيڏانهن ٿي وڃين؟ مان ته اڳئي پيو چوان ته
تون راجا جي ڌيءُ مون غريب سان ڪيئن گذران
ڪندينءَ؟ چيائين ته سائين! اوچان ٿي مون پنا وٽ،
اهو ڇوڻ لاءِ واهه جو پرتيت وارو پٺي وٺي ڏنو
آٿو، جو جڏهن جي گهر ۾ شربت ۽ اَڌ روٽي اڇيل پيئي
آهي. هن کي پرماتما لئي پرتيت ڪانه آهي. ان
ڪري ته ڪالهه واري روٽي ۽ شربت بچائي رکيو
آٿاءِ. سو پتا کي ڏوراپو ڏيڻ ٿي وڃان. ساڌوءَ چيس
ته اهو ڪالهه بچي پيو هو، سو اَڄ لاءِ بچائي رکيو
هوم. هاڻي تنهن جي ڳالهه مون سمجهي. هاڻي شڪايت
ڪرڻ پتا وٽ نه وڃ. اڳتي ائين نه ڪندس. هوءَ زال

ملیو. هنومان مهاراج جنهن شري رام چندر ڀڳوان کي
سائين! اوهان جو چيو ٿا ته، گهر جيڪي گهر
هجيئي، سو جند ڇڏائڻ جي اوهان نه ڪرڻ
جيڏانهن مو ڪليو، تيڏانهن هليو وڃان. گهرڻ ور
ڇا جو؟ گهرڻ ڪري ته "ڀڳوان اڄهوُ ن ڪ ٻل ڪ
دوار ڪڙو." گهرڻ ڪري ڀڳوان کي خود نبيو ٻاو
روپ ڏٺي مڱڻو پيو. اهو شيوڪ نه آهي، جو سائين
کان بدلو گهري؛ اهو مزور آهي.

٢٨. هڪ سنت وٽ آيا مهمان، سو زال جنهن
لڳي ته سائين! ايشور کي آراڌنا ڪريو ته ڀڳوا
ڏيئي ڏئي ته مهمان کي ڪارائون. جواب ۾ سنت
چيس ته ڀاڳيري! ايشور کي خبر نه آهي ڇا، جو م
چوانس ته ڏي. ائين چوڻ سان پرماتما سيڌي سام
جي هڪ بيل گاڏي ڀرائي ڪنهن پرميءَ کي پرپر
ڪئي ته سنتن وٽ ڏئي اچ. سو پرمي سڀ سيڌ
سامان سنتن کي ڏئي ويو ته خوب مهمان کارائو
مطلب ته سنتوشي حالت ۾ اچل راج ۾ هڪ قسم ج
پري معلوم ٿيندي آهي.

٢٩. هڪ ڇوڪريءَ جنهن پتا کي ته مان شادي
ڪندس ته ڪنهن پرڀيت واري سان، نه ته ڪنواري
رهندس. جنهن کي پرڀيم آهي، سو مرد آهي
باقي مان اڳيئي زال ذات، وري زال سان شادي ڪ

٣٤. ٻچي ٻه چاڙهي نه وڙهي ۽ جاڙهي. ڪنهن مهل ڪاٻه شيءِ نه ملي ته گهر گهر نه ڪجي. سڀ شيءِ لئي ٻاڻ ڪي هيرجي.

٣٥. گنڊيا گهومت ڪموار، سر ۾ لسيو سوجهرو. برهماڪار ورتي لڳي رهي. ڪاٿيندي پيندي اٿندي وهندي گنڊيا رهو آتم سروپ مان. سيئي لپن شيوائن جو مول آهي ته ”دم نه آهي جاني مون ڪان جدا.“ سڀ ڳالهيون ڪم لاء آهن. جڏهن پاڻي زمين کي ڏيڻ لاء ٻنو ڏبو آهي. سو ڏنو ٻنو آهي. چڱو ڪيو ٻنو آهي. دل روپي شيشي کي صاف ڪرڻ لاء اهي سڀ اُپاء آهن. پسات بسو جائون ۽ اُپڪار ٻڙيون آهن انڪي ڪانسواء انڪو هجي تـه ڏهوڙو وڌندا ويندا. ٻڙيون خالي آهن. انڪي کي قائم ڪري پوءِ اهي سڀ چڱا ڪم ڪبا تـه ڏهوڙو ملهه ملندو ويندو.

٣٦. نندن ڦونن جو ٻن ڪلون، حقي جي ڦل ۾ وجهي هڪ دفع آدمي چڪيندو ته هندپچو اهي ويندو.

٣٧. مان به گوبند، اَما به گوبند- بابو ۽ گوبند، سڀ گوبند ئي گوبند آهي. ”گوبند ٻن نهين ڪوئي ري“ اما پڪ هجي تـه پوءِ جيڪي ڪسم ڪري، سو ۽ گوبند ئي گوبند آهي. ”مري سهت سڀ گوبند هئن“ اِما پڪ رکڻ آهي پڪتي. سڀ گوبند آهي ته اُن ۾ مان ۽ اُچي واس. سيئي ۾ مٿو ته سهني مچون

۽ ٿاهه ۾ آئي ۽ ٻنهيءَ سان گڏ پاڻ به. اڳـٺ ٿاهي
وڪٽي گذران ڪندا هئا. آخر ٻنهي گڏ شرط ٺياڳ
ڪيو ۽ ٻنهي جي گڏ سماڌي اَج ڏاءِ امرتسر ۾ ٺهيل
آهي. سو پرماتما لئي پرتيت رکو. ڇٿو تـ ـب ڪ
نفع ۾ آهي. پاڻ کي قربان نه پانيو.

٣٠. ڪرپا ڪرمن کان نياري آهي. گرو نانڪ ديو
صاحبن آرتنا پڻ منا ڪيا هئا. ڪيتن وٽن کي ڇنڊ
وئي هئائون، جو اڄا ڏاءِ اُنهن وٽن لـي ڪنگو
ڪيسر جا ڇنڊا پيل آهن.

٣١. ماءُ ۽ پتا پاڻ ۾ چوري ڪري سڄو ڏيه ڪيو
ڏڌهن هيءُ شرط ٺهيو آهي. چوريءَ جي شيءِ بازا
۾ ڪاڻ وڪامندي آهي.

٣٢. گرو نانڪ ديو وغيره اهي ڪارڪ ڪوٺيءَ ۾
ٺي وٺا آهن. اهي انت واڪ آهن. واسـتو ۾ سـ
ايلا آهي. هڻن دروشن ڪٺڻ گلن جي ٻري ا جيو ڏٽن
ڏ وڄ جي پري. بار نه ٻنهي کي آهي. باقي خوشبوء
لي پيا ۽ ۽ چار آدمي رڙهي ولجهو ايندا.

٣٣. هڪ ڪوٺيءَ ۾ چار جيٺا سهيل هجن. ڪو
جنگ پيو ڪري؛ ڪو ڌن پيو مڙي. ڪو سنسڪ پيو
ڪري ته ڪو وشيه وڪارن ۾ فرق هجي. جاڳن ت
ڏڄهه ۽ نه رهيو. هڪ کي ٻئي جي سرشٽيءَ جي
سڌ ڪين پوندي ته فلاڻي آدميءَ ڪهڙو سپنو لڌو.
اهڙيءَ طرح هر ڪنهن ڪم ۾ سپنو پيو پاسط ۾ اچي.

شيون ڪائڻ يعني ڦل ڦول ۽ جل. جانئو ته قدرت ۾ آهي،
هلي ته قدرت ۾. جي هلنتو ڪثرت ۾ ته ڏکي آهي.
سڀ ڪنهن کان پڇو ته چوندو ته مان دکي آهيان.
ڪو ته سکي نٿو چوي. آهي پاڻ سک روپ! دک
آيا ڪٿان؟ سڀيئي چوندا آهن ته سنسار دک روپ
آهي. پر ان صاف چوندا آهيون شيام! ته سنسار
سک روپ آهي. گهر سک، وسيا پاهر سک پسايا. دل ۾
خوشي آهي ته جتي وڃي، آلي سکي آهي، نه ڏکي
آهي. دل ۾ اچائون ۽ ڪروڌ آهي ته پوءِ ٽوڙي جهنگ
۾ وڃي ته به جهنگ شهر ۾ وٺو آهي. ڦاٿل من جهنگ
۾ وڃڻ سان شانت ٿيندي ڇا؟ جي هميشه جهنگ ۾
رهن ٿا، انهن کان پڇو ته چوندا ته سک ڪونه آهي.
ڌرمي کان پڇي ڏسو ته پهرين ته چئبو آهي ته هاءِ هاءِ، هڪ
سک آهي. جي هميشه ٿڌ واري ملڪ ۾ رهن ٿا، تن
کان پڇو ته چوندا ته دکي آهيون. جي وهنوار ڪري
پڇو ته سک ستو لڳ راجا جنڪ. دک سنو ته پرهلاد
ڀڳت. دک سک کان پار رهيو ته شڪديو. ستسنگ ۽ ست
شاسترن جو چنتن هلندو رهي. ستسنگ اور هر روز
ڪرنا ضرور چاهيئي. جيئن صفائي گهر جي ڪمي
آهي، تيئن دل جي صفائي، لاءِ ست سنگ ۽ شاسترن
جو چنتن بلڪل ضروري آهي.

١٤. ٿون آهين اڌشان. هو آهن ڪلپت وستو.

کوليءَ ۾ به مٿو ساڳيو آهي. نر آهي رام. مادي آهي سيتا. سيتا رام ٻئي سڀ جڳهه جاني، ڪرون ٻرٽام جوڙ جڳهه پاني- ٨٤ لک جونين ۾ پاڻ آهي. زور سان ٻي ٻوٽي چئو ته سڀ ڀڳوان ئي ڀڳوان آهي. جيڪي مٿي آهي، هيٺ آهي، سڀ اندر آهي. سڀ اڻشور آهي. اها آهي واهه جي شرلي.

٣٨. ڪنهن پڇيو سنتن کان ته سائين هندو وڏا يا مسلمان؟ سنتن چيو ته "هندو چانئي ته مسلمان ڏوڙ." هندو سڙڻ کان پوءِ چانئي معنيٰ رک ٿين ٿا. مسلمان مري وڃڻ کان پوءِ ڏوڙ ۾ ڏوڙ ٿي وڃن ٿا.

٣٩ اسٽيشن تي ٽڪيٽ پڇندا سڀ جي، ڪهڙي به ذات هجي، زال هجي يا مرد، ذات نه پڇندا. جيئن ريلوي ٽڪيٽ زناني يا مرداني ٻئي الڳ الڳ ڪانه ٿيندي آهي. هڪڙو جيترو پئسن ڏيڻ جو انگ لکيو آڻائون ته برابر هن ٽڪيٽ جا پئسا پورا آهن، تيئن سائينءَ وٽ پرلو جي ٽڪيٽ پڇي ويندي. هندو يا مسلمان، زال يا مرد لئي نه، آهي "وهان پرلو کي ٽڪيٽ پوچي جاتي هئن."

٤٠. ايڪادشي رکڻ وارو آدمي ڪڏهن به بيمار نه ٿيندو ۽ خراب جوڻ ڪڏهن به نه پائيندو. ايڪادشيءَ ڏينهن ايڪانت ۾ ويهي آتم چنتن ڪرڻ کپي. ائين ئي اهن گيارس جو مهاتم. قدرتي جان لئي کهڻ، قدرتي

هوندي . آزمائي ڏسو . اسان ته شيام جي پتا جي سرڳواس
بعد شيام کي پرڳڻن ۾ ٻاٻا ٽلسيرام جن جي آستان لي
ڇيوسين ته فڪر نه ڪر . تنهن جا پتا اسان وٽا آهيون . اسان
شيام کي پنهنجو پٽ سمجهندا آهيون ۽ ڪلاونتيءَ کي تنهن
سمجهندا آهيون . وري جيڪي شيام کي ٻار ڄمندا ، سي
آهن اسان جا پوٽا .

( وڌيڪ ٻئي دفعي ملندا سين )

لون فقط ڀڃ ڪر ته ڪير ٿو مري؟ ڪير ٿو ماري.
"نا ڪڇ جنمي، نا ڪڇ مري، آپڻ چلت آپ هي ڪري"
سنتن فقط هٿ جو اشارو ڪيو ته بندوقون سڀ ڪري پيون.

٤٢. ڪو ستسنگي ويو ڪنهن سنت وٽ ته سائين! ڪا وڏاڳه جي ڳالهه ٻڌايو. هن چيو ته هن وقت هينئن وڃ ته پوءِ توکي ٻڌايون ٿا. سنت هن پرمهيءَ کي وهاري ڪنيا کي ٻاهر ڪڍي آيا. چيائونس ته هاڻي آءٌ ته توکي وڏاڳه جي ڳالهه ٻڌايون. پرمهيءَ چيو ته اڳ ئي ٻڌايو؟ سنتن چيو ته اڳي هينئرا وسلاءِ ڪنيا به هئي. پوءِ تو سان ۽ ڀاڳ سان نڀي ڪري وڏاڳه جون ڳالهيون ٻڌائڻ ۾ اسانکي شرم پئي آيو. وڏاڳه وان ته صفا سڄائي. گهر مال پيا هجن ۽ وڏاڳه وان ڇوري ته اها ڳالهه ٿهي نٿي.

٤٣. اسان جي سيوا پائي ٻيجارام ۽ شيام جي ماءُ اهڙي ڪئي، جهڙي گرو امرداس گرو انگد ديو جي ڪئي. اسان جهنگلن ۽ پهاڙن ۾ رهڻ وارا سپر هئاسين، پر پائي ٻيجارام جي لولم ۾ ڦاسي وياسين. هاڻي به شيام جي ماءُ کي چئون ٿا ۽ ماتا چنريءَ کي به چئوسين ته روٽيءَ ٽڪر کارايو ته واهه ئي ته. اسان ايڪانت ۾ وڃي رهنداسين. اسان کي اهڙي ٻن ۾ وهاري اچو، جتي ڪنهن ڀڪيءَ جو پيرو به نه هجي ته به اسان جي ڪت پرسادن ۽ مالن سان ٻڌي پيئي

هوراڻ هورڻان رٻڙيءَ وانگر ٿي وڃي ۽ ڪيسر ٻـ
رتيون سي وجهو. ڪڙهڻ مهل نه، ٻر لسريءَ ۾ ڪاڙهڻ مهل
ڪيسر وجهو. ٽارج سان ستنام چٽي ڪـائو ان ڏينهن
روٽي بلڪل نه کائڻ کپي. صبوح جو تيار ڪرڻ واهيو
۽ ١٠ يا ١١ بجه مس تيار ٿيندو. کائي پيٽ ڪرڻ هليو
وڃي يا ورزش ڪري. وري شام جو ٤ يا ٥ بجه،
چٽا پسائي رکو اڳواٽ. ٽوٽي پسائي، آنو کن چٽا
پسائي رکو ١٠ بج پسائي رکو. اڌ سير تازي پاڻي ۾
پسائي رکو. ٻوءِ قلعيدار ديگڙي ۾ چڻن کي اُن پسيل
پاڻي ۾ ڪاڙهيو. باقي مٿو پاڻ پاڻي بچي نه آهي چٽا
ڪنهن کي ڏاڻي چڙي، پاڻ نه کائي. باقي چڻن جو
پاڻي اُن ۾ هرايءِ جو اڄ، اَمر، جيرو، سرهيجيري،
ٿورو سڃو ڪيه وجهي ترڪو ڏاڻي ٻاڙهو نماڻو هڪ
اُن جي رس ڪڍي سابه وجهو س. لوڻ ذري، ڪارا
مرچ ٥ داڻا، ڦوٽو وڏو ١، ٿوري دال چيني، اَدرڪ
يا سنڍ ذري وجهي، اُن سان ڦلڪو هڪ شام جو
کائي، ٻي ڀاڄي نه کائي، رات جو کير نه پيئي. آهستي
آهستي کائي، جڏن لهي وڃي پيٽ ۾ ۽ مالش لاءِ، تخم
ڪاهو، بادامين، ڪس ڪس پستا، اُنهن جو تيل ڪڍي
شيشي ۾ بند ڪري رکو. رات جو سمهڻ مهل تيل
مٿي کي لوسدڙان کي لائي، نڪ کي ۾ وجهي
سمهي پوي. واڻيءَ واري کي پيشاب گهٽا ايندا

# شري ستگورو ديو ڀڳوان جن جي مکار بند مان فرمايل شريرڪ نسخا

## ( لقمان خيرپور ميرس ۾ فرمايل )

ٻڌ ڀڳت شيام ! اڄ توکي نسخا ٿا ٻڌايون ، جيڪي اسان جا آزمايل آهن . شرير نيڪ هوندو ته ڀڄن ڪري سگهبو .

١- بدن ۾ واهيءَ جو نسخو :- روني پاٽي گهٽ کائي هفتو هڪ خوراڪ هلائي . مالش ۽ خوراڪ ٻئي ضروري آهن ڏاڪن جو مغز (پاٽي ڪيل جي) ، سونفن جو مغز ( پاٽي ڪيل جي ) ، ڪدڙي جو مغز ، هنداڻي جو مغز ، ڪدوءَ جو مغز ، ونگي جو مغز ، لسر ، ڪس ڪس هر هڪ صفا تيل ٢ ماسا ، ١١ ڳرا باداميں جا لاهي گهوٽي ان جو ٽاڪل وانگر پاٽي ڪيل جي . کير وانگر پاٽي نڪرندو گهوٽڻ مان . ٿوڙي ٿڌو ڪجي . انهن ۾ ٽي آنو ماکي ستي چاٽي ، لاهي ٻه شيون صفا گلاس ۾ الڳ رکو . پوءِ مصري لي ڊبڪڙي قلعيدار هجي ٽي آنو هت جو نڪتل مکڻ ان ۾ وجهو . پڇڻ ڦوٽن نيڻن جي ڪڻ ٻه وجهو . مکڻ رڄي ويندو ۽ آهو الڳ رکيل بادام جو پاٽي ٻه ان ۾ وجهو . ٽي پاءُ کير تازو ڳانو ليا ڪرو سو ٻه وجهو ۽ مٽيان مغز ٻه وجهو . ڪيوي ۽ سان گهمايو

نه پيجي نه ته رات جو ١٠ ڳهورا باداميون جا ڇلي
کائي، کير ڳانو پيئڻ سان دماغ جي طاقت وڌندي.
اونهاري يا سياري ۾ بادام کائڻ جي موڪل آهي.
ڪي ڪي چاهڻ کان سواءِ ڪم ۾ آڻڻ نه کپي. هر هڪ
بادام گوري ۾ هر هڪ بيدي کان وڌيڪ طاقت آهي.

نسخو ٥. پيهه جاري ڪرڻ لاءِ:- جائڦل، ڪارا
مرچ، ڦوڏنو، نرڦوٽا، سڀ ڪٽي هموزن جملي ¼ تولو
شام جي وقت پاڻيءَ سان ڦڪي ڇڏجي. هر روز
ندين، ڦونس ننڍن جي ڪڻ، مصري سڀ ڪٽي
ڦڪي ٺاهي رکجي. پوءِ بعد هڪ ننڍو چمچو کائي
ڇڏجي. باقي ڊاڪٽرن جون دوائون آهن گهڻد مٿان
ڪپڙو ٻڌڪڻ. انگريزي دوائون آهن سڙيل سٽ.

تپ لاءِ:- صبوح جو نمراني تلسيءَ جا ٥ تازا پن
وڻسي، ڪارا مرچ داڻا ٧، ٿوري ڳڙ ذري کائي
ڇڏجي ته تپ لهي ويندو.

نسخو ٦. اولاد لاءِ:- ننڍي ڪرشن ڀڳوان جي
مورتي اڳيان رکي، ان جو پوڄن ڪجي. جڏهن شري ڪرشن
شري ڪرشن ليو چئجي ته پوءِ آهو ڏيال ٻال ٻاڻ اچي
گهٽ ٿيندو آهي. نرڪجهيءَ جو ٻج، ڄمن جا ڪڪڙا،
ٻوءِ جا پن، تلسيءَ جو ٻج، ڪڪڙن جو مغز، ڏاڻن جو
مغز، سونف جو مغز، هم وزن گڏي ¼ تولو سڀ هڪڙن. شام
ڦڪي ٺاهي ٤ ٻجي اها ماتا ڦڪي کائيندي رهي

هجن ته مٿاني ڪي اٽ جا وار ٻڌي سمهي پوي رات جو

نسخو ٢ - وائيءَ لاءِ :- سنڊ، ڦپري، مرچ ڪارا

جعفر، جائتري، ڪيسر، دال چيني، لونگ ۽ ماڪي

تولا. مٿيون هڪ هڪ رتي وزن ڦوٽو اڌ هڪ، ڦوٽو

وڏو هڪ اهو به وجهجي. سڀ شيون ڪٽي ڪپڙ ڇاڻ

ڪري، وڏي مٿان واريءَ شيشيءَ ۾ بند ڪري رکو

ان ۾ ماکي به وجهو. صبوح ۽ شام جو ٻه ٻه آڱريون چٽي

نسخو ٣ - وائيءَ لاءِ :- هرڙ جو مربو، آنري جو

مربو، ان کي سونا ۽ چانديءَ جا ورق ٻه ٻه لڳائي، ان

سان ڦلڪو کائي. بنوشو، جاڻ ۽ ڦودني جو عرق روز

آنو ڪن پيئي. ١٢ ڏينهن پيئي ته هاضمو به سٺو ٿيندو

بک به لڳندي. وائيءَ لاءِ شيرش آسڻ ڪرڻ ضروري

آهي. اس ۾ گهمي ۽ اس ۾ ڊگها سواس اندر ڇڪي

نڪ ڊواران.

نسخو ٤ - مغز جي ڪم ڪرڻ واري ڪسي وري

هيٺين ڪرڻ کپي. ٻڌي ڇڏ. لکي ڇڏ. ڪيترن

جا ڪم ٿيندا پائي شيام! باداميون ١٥ گورا رات جو

پسائي رکي، تولو ڪن پستا ٻه پسائي رکي رات جو

صبوح جو ڇاي کلون ڦٽيون ڪري باقي باداميون ۽ پستا

پٿر جي ڪونڍيءَ ۾ گهٽجن. ان ۾ ٻه تولا ماکي ملائي

نيراني کائڻ سان دماغ جي طاقت وڌندي، کاڌو چا

ڪلاڪ بعد ۾ کائي ۽ ان کائڻ بعد ٣ ڪلاڪ پاڻي مٿار

ڪرڻ سان وات جي ڇاڄ ۽ ڦولار جڻ رفو چڪر ٿي ويندا.

٨. ماکي ۽ لوڻ ملائي وڇونءَ جي ڏنگ تي هڻبو ته سور اڪدم دور ٿيندو.

٩. ماکيءَ ۽ بصر جو پاڻي ملائي اک ۾ پائبو ته اک جو سور دور ٿيندو.

١٠. هڪ چمچو ماکي ۽ ٨ چمچا گرم پاڻي ۽ تازو ليمون، ان جي رس ٻيرائي پيئڻ سان ٿولهه بدن جي گهٽ ٿيندي ۽ بدن هلڪو ٿيندو.

١١. پپل جي ڇوڏي جي رک ۾ ماکي ملائي هڻبو ته گندو روڳ وهندڙ لهي ويندو.

١٢. نم جي پاڻيءَ ۾ ماکي ملائي، ڪن ۾ وجهو ته روڳ ۽ سور دور ٿيندا.

١٣. ٿڌ جي موسم ۾ لولي سان ماکي کائو ته بدن گرم ٿيندو.

١٤. ڦٽڪي جي خاڪ ۾ ماکي ملائي، زخمن تي هڻڻ سان ڦٽ ۽ زخم ختم ٿي ويندا.

١٥. اسان جي طبي گرنٿ ۾ ماکي ٿڌي مٺي هلڪي طاقت ڏيندڙ ۽ زخم ڀريندڙ، ڪوڙهه، بواسير ۽ کنگهه لاء ڪ نڪ علاج آهي. پنهنجي هستي رکو ته مان سک وپ وائسراء آهيان ته دل کي طاقت ڏيندو. پيرون وائون سب اجايون آهن. هروڀرو دل جي پختائيءَ لاء خميرو گاوزبان هڪ چمچو ٻيرائي کائي، مٿان گاوزبان

روزا، جيئن ماهواري اچي ٿي. خشڪ شيءِ نه کائي.
کٽي، مُوري، انب هلاشڪ کائي. پر اوٿا کجي
نه سائين سپالر اولاد ڏي.

نسخو ۷- ماکيءَ جا گڻ :- ماکي ۽ سهاڳو گڏي ٻارن جي مهارن لي مهٽيو نه ٻارن جا ڏند سولائيءَ سان نڪرندا.

۲. ماکي، سهاڳو ۽ ڳاڙهو جو کير گڏي ٻارکي پيارڻ نه اُلٽي ۽ بدهاضمو ٻار جو دور ٿيندو. بنا تڪليف ڏند نڪرندا. مٿان نه ماکي، ڪوڙائڻ سڀ گيهه آهي.

۳. ماکيءَ جا ۽ ذيا چمچا پڇن لولن گرم پاڻيءَ ۾ ملائي کاڌي کائڻ کان اڳ پي ڇڏجي نه ڪجهه وقت ائين ڪرڻ کان پوءِ قبضي پرلوڪ ويندي.

۴. تازي پاڻيءَ ۾ ماکي ملائي نهراڻي پيئڻ سان کنگهه، لائين ڀچندي آ، جيئن گرڙ کان نانگ.

۵. رسول جو ڀاڻي ماکيءَ ۾ گڏي پچڪاري هڻڻ سان سوزاڪ لي گهٽو اثر ٿيندو. اندرهان قت پرميل وغيره لهي ويندا.

۶. نقلي جو ڪاڙهو ۽ ماکي ملائي پيئڻ سان بدن جي خارش، خون جي خرابي، مٿي ۽ ٻيا مرض، جي رت جي خرابيءَ کان ٿين ٿا. سي سڀ دکي لم لوڪ هليا ويندا.

۷. ڪٿو ۽ قنڪي ماکيءَ ۾ ملائي پيئڻ سان ۽ گرڙن

# شري سنگور

## پڃناولي ۽ غزل

## (پرتاپ نگر اديپور ۾ فرمايل)

سلوڪ:- هل هيٺاهين واڙي- لوڪي چاري ٿا ٻه چون،
مٿاهين ۾ معاملا- لسا ڏاڙي ڏار ڏنون،
مٿان لوسان ڪن- مڏي سندو معاملو.

ل:- ڏاري ڏاري چلوري فقيرا-
الهي فقيري داحال - ري فقيرا
. راتيان جاڳط دي جهد ڪماوڻ-
ٿورا ڪاوڻ لسي نيچ سڏاوڻ،
الهي فقيريءَ دي لعل - ري فقيرا.
. جي لون ملڻ پريب دا چاهين،

من دي مستيءَ نون چاه ميٺائين،
قر نه پوئي ڪو ول - ري فقيرا
ڪهي رام شام. جي تون ڏبر ڪماوين،
ساڌ سنگت وچ ڦيرا پاوين،
لو پريب دا ملڻ سهل - ري فقيرا

جو عرق پيئڻ سان دل بهار ٿيندي، روز ڪلهل ميدان ۾ ٣ يا ٤ ٽهڪ ڊوڙڻ سان دل جي بيماري نه ٿيندي. پاڻ وٽان نه رکو ته ڪو اسان بيمار آهيون. ڪو پڇو ته سائين ڪيئن آهيو ته جواب ۾ چئو ته ابا اڳي کان ڀلا آهيون. خوش بهار آهيون. مٿو سڪو ٿورو آلو نيراڻي کائڻ سٺو آهي. صبح جو ميوو کائي کير پئي گهمڻ هلڻ وڃ، پوءِ ڏس سائينءَ جا رنگ. بزار مان شيون مٺائيون، پورائون، ڪچوريون ۽ ٻيون وٺي اچي کائيندا آهن، جن کي زال گهر ۾ نه ٺهندي آهي يا جيئن جي زال کي حصو نه ملندي آهي. ڪابه چيز کائو ته گهر ۾ تازي ۽ ٿوري ڪري کائو ٻر گهر جي. بزار مان ڪابه چيز وٺي نه کائو. چانهه جهڙو دنيا ۾ ڪو مرض ڪونهي.

(وڌيڪ ٻئي دفعي ملنداسين)

چؤ نه پنهنجي پيءُ کي ٻوڏ تو اڳيان،
جو ڪڏهن به گهمندو ۽ ڦرندو رهين.
ڇوُ نه مان پنهنجي پيءُ جو پاڪ تو ڪريان.
۴. تون ته ساريءَ دنيا جو وڏو جرنيل ٿي رهه،
پنهنجي من ۽ وڪارن جي ناس لئه،
پنهنجو ئي ڪرنيل ٿيندو رهه.
ساري وشو ۽ سڀ خلق تي،
پنهنجو حڪم هلائيندو رهه.
پيءُ پاڻ ۾ پاڻ گم ٿي،
پاڻ مان پنهنجي پرڀتم کي ڳولهي لهه.
۵. جڏهن اهم تؤم کي وڃائي،
پاڻ ۾ پنهنجي پرڀتم کي ڏسندا،
تڏهن ساري جڳت جو،
هرتا ڪرتا هڪ تون ئي ڄاڻندا.
پيچ تنهنجي پرڀتم سان اڳ ئي پيل آهه،
تون ٻين جا پيچ ڇا ڪندا؟
ملهو ته پنهنجي پرڀوءَ سان اڳ ئي پيو آهه،
ٻيا وري ڇا ميلاپ ڪرائيندا؟
۶. هاڻي چوُ ته هي کيل ڇو،
منهن جي ئي پرڀوءَ رچيو آهي،
سڀ کي وسڻ ۽ وسڻ کي سڀ ڪري،
اهو ئي سندس ڪم آهه.

# غزل

## سلوڪ

(منهن جي پريوءَ ڪان سواءِ ٻيو ڪجهه ٻه نه آهي .)

١. هيءُ سڄو کيل منهن جي پريوءَ جو چمتڪار آهي .
راند هيءَ سڄي ڪندو هئو
پر ٿيائي نه اصل راندگر آهي .
سيني ڏکن ۽ غمن جي متاثر لاءِ
منهنجو پريو غمخوار آهي .
سڀ ۾ پري پوري ۽ شڌ روپ آهي،
نالو ئي جنهن جو سرجڻهار آهي .

٢. جڏهن ڪندڙ ڪرائيندڙ پاڻ آ،
نه ڇا جو وري هيءُ ڪرم ڪانڊ آ،
جڏهن ملندڙ ملائيندڙ پاڻ آ،
نه ڇا جي وري هيءَ ملاقات آ .
جڏهين هلڻ هلائيندڙ پاڻ آ،
نه ڇاجي هيءَ حيرت آ .
جڏهن ڏسڻ ڏيکاريندڙ پاڻ آ،
نه ڇاجو وري هيءَ ڏيکاءُ آ .

٣. جو ڪجهه ٻه ڪائيندو رهين،
ڇو نه پنهنجي پريوءَ کي پوڄي تو لڳائين،
جي ڪجهه ٻه پيئندو رهين،

اَندري ندري آوندا هے۔

قربه جهان اور سب خيال كوڑا،

اپني روز به نظري آوندا هے۔

۵. كيا كهون اُني كهٹي دي بات ناهين،

اُتي جگه به چپ سماوندا هے۔

۶. اُس موج آنند دي خبر كهون كس نون،

اُني اپني باجهون كچ ندري نه آوندا هے۔

۷. رام شيام دي گل سب تكي،

اُتي سوُن به سوُن سماوندا هے۔

## شبد ۲ -

سلوك - گر گونگا، گر باورا، گر دیوون كا دیو؛

چيلا انت سياڼان، تو پئي كري گران كي شيو۔

...ل - مئن تو گران جي كي گود بر گل گيندابن جائونگي۔

۱. جب ميري گران كو بهوك لگيگي،

تب لڈون پيڑي، جليبي اور حلوا بن جائونگي۔

. ميرا گران كو گهومني كا شوق جب هوئيگا،

تب هاتي گهوڑا گاڈي اور موٹر بن جائونگي۔ مئن....

. جب ميري گران كو نيند آويگي،

تب كا مخ پلنگ هنڈولا اور ڦولون كي سيج بن جائونگي۔

. ميري گران جي كو جب پياس لگيگي،

تب گنگا، جمنا، سرسوتي اور تربيڻي بن جائونگي۔

پاڻ کان پاڻ ڀلي وڃڻ،
اهو ئي هڪ وڏو موں کي غم آهه.
رام شيام سان ملندو هئو،
مٺهن جو پريو سڀ ڀ سر ئي آهه.

شبد ١.

سلوڪ - چت ۽ اسڻ (وهڪ جي جاء) کي اڏٽ
ڪر ته چت چور چاهه سان مايئي.

١. دال داؤ لڳا ٻازي جيت لئي،
اڄن سکه دي سيج پر سووندان هئن.
بي خواهش دي ڪوٹان هت پائون گهت کي،
اس نفس نون قيد ڪو ماردي هئن.

٢. ڦبر جو ني تا سوئي هوئا،
وچ آپ دي آپ سماوندي هئن،
اگي ٻه تا وه قول ساڏي،
هڻ ٻئت ٻئت کي پردا اٹاوندي هئن.

٣. جدان آسڻ ٹکي (وهڪ جي جاء) اُدان چت
ٹکندا، نه ته چت دا ٹڪڻ محال هئه.
اهرهان گيان دي ڪرنا ٻاليان سکه هئن،
پر جدان دکه آن پوي تدان جهور جهور ڪرڪي رووندا هئه.

٤. نهچي واليان دي سدا دل خوش رهندي،
شادي غمي نون سم جاندي هئه.
جدان ملي وو گر پورا تدان سڀ ڪڇ،

٥. جڏهن ستگرو مون سان ملندو؛ خوشيءَ منجهان ٿي ڪلندو،
تڏهن سيتل هردو ٿيندو، سڀُو سر قربان ڪري.
منهن جي……………
٦. رام شيام چوي گرو گهر ايندو،
گهر ولڻي لوڪي درشن ڏيندو،
پوءِ ڇا لاءِ دلڙي دانهن ڪري؟
منهن جي……………

## ستگرن جي چرنن ۾ هڪ امولڪ ڀڄن

(ڪڪي پيٺ گواليار واريءَ جو هڪ ڀڄن)

ٽُل - سوامي رامانند سچو ستگرو هٿي وئين،
واه واه سچو گردهو هٿي وئين،
نعرو پنهنجي نام جو، هند سنڌ ۾ هٽي وئين.
١. ليائجي لون، ولرائي لون، وڪت لون هئين،
ڀڳوان سديءَ پگتي جو سچو سنت هٿي وئين،
سدسار مان سوڌي سار ڪٺي وئين.
سوامي……………
٢. لمنا ڪري ليائه، ٻٽجي ليرت نام جو پياسي،
اندر ۾ اداس، ٻاهران بيڪه اداسي،
هت ۾ وٺي وئين ا، واه واه هت وٺي وئين.
سوامي……………

٥. ميري ڪران ڪو جب سنني ڪا شوق پڙيگا،
تب رڳ، ڀجر، سام، اور اٿرو ويد ٻڌ جائونگي.
٦. رام شيام ڪهي جائونج سد ڪران ڀٽ،
ڀلهاري، ڀلهاري، ڀلهاري.
ساري دنيا نڇاور ڪر دونگي.

## شبد ٣

سلوڪ ١- تلسي من جاڻ سڀ ٻات جان ٻوجهه اوگڻ ڪري،
ڪاهي ڪي ڪشلات، هات ديپڪ ڪوئي ٻري.
سلوڪ ٢- ڪبير سڄا سڪتا ڪو نهين سڀ دي اندر لعل،
مورک ڳنڍ کولي نهين، ڪرمين ڀيا ڪنگال.
١. منهنجي رڳ رڳ ۾ پيئي دانهن ڪري،
سر ڏيئون سٿگورن ڪان پل نه ٿيان پري.
٢. سدا سنگرن سان گڏ گهاريان، ٻيا ٻول سڀئي وساريان.
رهان سنگرن جي ستسنگ ۾، ٿل اهڙو ڀاڳ وري.
منهن جي..............
٣. ٿيان سنگرن جي مان داسي، ٻٽي نهڻي ۽ نماڻي،
ڪٽي گهاگهر سڪ منجهان، اچان پاڻي ڀاڻ ڀري.
منهن جي..............
٤. اکيان سنگرن جي واٽڙي، ڪيان دل جي غيرت،
اوريان سائين حال سڄو ئي، لڏهي منهنجي دل ڙي تري.
منهن جي..........

پنهنجا ڪرم ڪري ڪين اڪايا،
رهيو انت سوڌو جيڪو ٻجهه ۾ ادا. ڪهڙا......
۴. ڪلجڳ ۾ سچي پريت نه آهي،
ڪنهن سمي ۾ ٻي سنگ نه ڇڏياءِ،
مثال اسان جي اکيان ڏناءِ،
ڏسي تنهن لئي هلجي پاڻ ادا.
۵. شيوا جا گڻ مان ڪهڙا ٻڌايان،
ٿهل وارن کي ڌنيواد چوايان،
لال موراج داس تن جو آهيان،
جيڪي صدقي تين تا شيوا لئي ادا. ڪهڙا.....

## پوڄ ماتا صاحب جي چرنن ۾ هڪ پشپ
( ڪڪي ڀڳت گواليار واريءَ وٽان مليل )

ٽل - اسانجي ماتا نام پياري،
اسانجي ماتا ڪرمائي نام پياري،
جيڪا ولر وڃائي وٺئي واري،
هڪ ڏسهن ٿيندي اسانجي ٻه ليارِي. اسانجي......
۱. نئيدي هوندي ڪان دان ڪماءِ،
دان ڪري سچي شيوا ڪياءِ،
دل جي نه هٿئي دلاري. اسانجي.....
۲. سنتن سائن جي شيوا ڪياءِ،
شيوا ڪري پرساد ڪارائياءِ،
هٿي سيني جي نه سونهاري. اسانجي.......

۳. سون ٽڪو هوءِ، ٽڪو فئشن جان ٿي ،
تنهنجا هٿي صرف برهم گيان ٿي
پسمر برهم ٻاهه ۾ ڪري ، آهر ڪٽي وٺين
سوامي..............

۴. نراد تنهن جي نام جو وشمير وڃائو ،
لقمان ، اُدبپور ، الهوڏنا ۾ ونڊو سندر ڏٺيا ٻٽائي
داسي ٻڌي تنهن کي شل ، ڪرپا جي ڪٽي هٿي وٺين
سوامي..............

## پوڄ پتا صاحب جي چرنن ۾ هڪ پيچن

ڏل - ڪهڙا گڻ ته ورنن ڪيان سائين پيارام سندا ،
جنهن جنم ڪيو آهه سڦل اَدا .

۱. لڪڻ ۾ گڻ ڏٺين اچن ٿا ،
هئو پرپور جيڪي سنت چون ٿا ،
ساري سنگت جنهن کي ياد رکو ٿا ،
آتما آهي جنهن جي امر اَدا . ڪهڙا.......

۲. پرانت سنتن سان جنهن سچڙي لائي ،
لوڪ جي لاج جنهن نڪمي ڄاڻي ،
ساري عمر جنهن ٽهل ۾ لائي ،
چڱي سنگت ٺيو آهه فارق اَدا . ڪهڙا......

۳. ڪپور پيگت جا گڻ جنهن ڌاريا ،
ڪمائي ڪري انهن سنت ڪاريا ،

# ستگورن جي چرڻن ۾ هڪ پشپ

# آرتي

طرز :- مان تو آرتي اُتارون جي، سنتوشي ماتا ڪي.

ٽل :- ڪريون آرتي سدا تنهنجي،
ستگر ٽلميرام، ستگر رامانند، ٻاٻل پرمانند!

١. واس ڌوپ اگربتيون، جڳمڳ جوت جڳي،
ڳائي سنگت ساري ڌاڙي آهي موج لڳي.
نچون ڳايون ڇم ڇم، ڍڪڙ باجا ڌم ڌم،
ٿئي ٿي جئه جئه ڪار، ستگر جي مندر ۾.
جئه جئه ستگر تنهنجي جئه جئه جئه!

٢. شنکه، ناد، گهنڊ، گهڙيال، جهانجهن جي جهڻڪار آهه،
چڙهن گل ڦل عطر عنبير، هردي ۾ هڻڪار آهه.
ديا ستگر جي دم دم، ٻولي ناٿ شنڪر ٻم ٻم،
هيءَ آرتي ڪندي ٻيڙا پار، ستگر جي مندر ۾،
آهي آنند اَپر اَپار ستگر جي مندر ۾.

ستگورن جي چرڻن جو داس

**ديارام اُداسي، اجمير**

☎ : 20712

۳. آئي وئي کي پرم سان وهاري ،
پرم ڏئي وري پوڄن ڪارائي ،
پوڄن ڪارائي وري هئي دانش دل جي ته دلاري . اسانجي....
۴. ساري ڪٽنب سان پرم رکياءِ ،
پار پيدي سان نوڙت ڪياءِ ،
هئي نٿهن پٽن پوٽن جي پرواني . اسانجي......
۵. پراپڪار جا ڪم ته ڪياءِ ،
بگڙيل ڪم وٺهي پار پٽاياءِ ،
هئي لقمان اَدپور ۾ هاڪاري . اسانجي.......
٦. ڪلان ، راڌان ، سڀ توکي سيارن ،
شيام سندر ۾ توکي سياري ،
آب اَکين مان پيو تو هاري ،
هئي ستگرن جي ته پياري . اسانجي......
۷ ڪڪي چوي تو پرم رکيو ڪيئن ،
پنهنجو جيون سڦل بڻائيو ڪيئن ،
پرڀُ اَنجي پرساد ڪارائيو ڪيئن ،
هئي سکين ۾ ته مراري . اسانجي.......

اوم تت ست تت ست تت ست

اوم شانتي ! شانتي !! شانتي !!!

(وري اول ڇڪ ٻئي سال ملنداسين)